1. ڊاڪٽر حسين مسرت شاهہ[1]
2. ڊاڪٽر ريحانہ نذير[2]

# پروفيسر ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو جي تحقيقي ڪم جو تنقيدي جائزو
# A Critical Review of Dr. Tanvir Junejo's Research

***Abstract:***
*Dr. Tanvir Junejo is a prominent Sindhi fiction and non-fiction writer. As an expert sociologist, Dr. Junejo has conducted an extensive study of women writers and scholars in Sindh and made it accessible to others. Dr. Junejo has also written on the evolution and literary changes that have engulfed Sindhi literature over the centuries and on the various problems that have plagued women over the years.*

سنڌي ادب ۾ عورت ليکڪائن لکڻ جي شروعات 20 صدي کان ڪئي آهي ۽ ورهاڱي کان اڳ انهن جو تعداد تمام محدود نظر اچي ٿو. ورهاڱي کان پوءِ عورتن ادب ۾ چڱو پاڻ موکيو ۽ ادب جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

ڊاڪٽر پروفيسر تنوير جوڻيجو بہ اهڙين ليکڪائن ۾ شمار ٿئي ٿي. ڪهاڻين ذريعي پنهنجي سڃاڻپ ناهيندڙ ليکڪا، جنهن اڻ ٿڪ محنت ڪري پنهنجي قلمي سفر جاري رکيو. پروفيسر ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو جو تحقيقي ڪم پڻ سنڌي فڪشن جيان، حساس پٽي سان پريل آهي.

سماجيات جي ماهر هجڻ جي ڪري، تنوير جوڻيجو صاحبہ پنهنجي تحقيق ذريعي سنڌ جي عورت جي قلمي علمي ادبي پورهئي کي محقق جي نظر سان پرکيندي ان جو گهرائيءَ سان مطالعو ۽ مشاهدو ڪري، اُن پورهئي کي پيش ڪيو آهي. عورت جي صدين جي سفر کي هڪ جاءِ تي آندو اٿس. سماجي مسئلن جي اپٽار بہ ڪئي آهي. سماجي ۽ ثقافتي تبديلين جو ادب تي اثر واضع ڪيو اٿس. تنوير جوڻيجو عورت سان لاڳاپيل سماجي مسئلن تي پڻ قلم کنيو آهي ۽ انهن حدبندين پابندين جي باوجود سنڌي عورت جي ادبي توڙي سماجي ڪاميابين کي پڌرو ڪيو.

---

[1]. اسسٽنٽ پروفيسر، زبيده گرلس ڊگري ڪاليج، حيدرآباد
[2]. محقق، ليکڪ.

ڪهاڻين ۽ مضمونن ذريعي پنهنجي سڃاڻپ ناهيندڙ باشعور ليکڪا، ميڊم تنوير جوڻيجو اڻ ٿڪ محنت ڪندي، پنهنجو قلمي سفر جاري رکيو آهي. ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو جي سماجي پسمنظر ۾ لکيل ڪهاڻين ادبي ميدان ۾ جلدي پنهنجي جاءِ ٺاهي ورتي. تنوير جي سادي لب لهجي ۾ تمام حساس سماجي مسئلن کي اجاگر ڪيو. ساڳي طرح جڏهن تحقيق لاءِ قلم کياڻون تڏهن به سندن اندر جي حساسيت نکري نروار ٿي بيني. تنوير جوڻيجو جو اسلوب نهايت سادو، سلاست ۽ فصاحت سان ڀرپور آهي. تنوير جوڻيجو جنهن به موضوع تي قلم کنيو آهي. ان تي مڪمل تحقيق ڪري گهرائيءَ سان سماجي جائزو وٺي ان کي توڙ تائين پهچايو آهي.

سندس تحقيق مضمونن تي مشتمل ڪتاب ”عورت، سماج ۽ ڏاڍ ۾“ ليکڪ امر سنڌو، سندس لاءِ ادارتي نوٽ ۾ لکي ٿي ته:

”سڄي جي سنهي سيبي جيان نور نچوڙڻ واري هن، پورهئي جي خالق تنوير جوڻيجي جي قلم ۽ پورهئي جي جيڪا خاص نزاڪت ۽ نفاست آهي. اُها ڪنهن ٻي جي قلم سان ترتيب ڏني وئي هجي ها، تڏهن به اهو ڪٿي ممڪن هو نه اهي سرد فائيل جيڪي هن پنهنجي دل گهرين دوستن لاءِ لکيا آهن. مثلاً: در شهوار سيد تي لکيل سندس تاثر ۽ خيرالنساء جعفري واري مضمون ۾ سندس لفظن جي صورت ورتل سندس دل جي اندرين جذبن مان نڪرندڙ ۽ دل ڀڃائيندڙ جذبا ٻئي ڪنهن جا به ٿي سگهندا اِهي فقط ۽ فقط تنوير جوڻيجي جا ئي جذبا آهن. جيڪي سندس پنهنجي ئي ذاتي تڪليفن تي ٻڌل آهن ۽ اهي مضمون اهي ڪڙڪيون آهن، جنهن سان نه رڳو انهن شخصيتن جي سڃاڻپ جي لاءِ درڪلن ٿا پر خود تنوير جوڻيجو جي اندر جي نرمائپ، نهنائپ ۾ حساسپڻي کي پڻ ظاهر ڪن ٿا.“ (1)

تحقيق جو پنڌ نهايت اڙانگهو هوندو آهي. محقق سخت محنت ڪري مختلف مرحلن مان گذري، پنهنجي تحقيق کي مڪمل ڪري ٿو. اسان وٽ هوندئه به عورتن جي ڪم جي حوالي سان جامع تحقيقي ڪم موجود نه آهي. جنهن جي ذريعي عورتن جي علمي، قلمي ۽ تحقيقي پورهئي جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري سگهجي. ان صورتحال ۾ تنوير جوڻيجو جو هي ننڍڙو ڪتاب لاپائتي ڪوشش آهي.

جنهن کي سيهڙڻ لاءِ عورتازاد ريسرچ، پبليڪشز ۽ ان جو سٽ ساراهه لهن ٿا.

هن ڪتاب جا ٽي حصا آهن.

(1) شخصي اڀياس

(2) ادبي اڀياس

(3) سماجي اڀياس

**شخصي اپياس:** هن حصي ۾ تنوير جوڻيجو ، سنڌ جي ادبي عورتن جا پروفائيل لکيا آهن. تنوير جوڻيجو انتهائي نفيس انداز ۾ دلچسپ اسلوب سان اهي پروفائل لکيا آهن. جيڪي پڻ ڪنهن دلچسپ ناول ۽ ڪهاڻيءَ جيان ٿا لڳن. فني گهاڙيٽي جي لحاظ کان انهن مضمونن ۾ منظر نگاري بہ آهي ۽ ڪردار نگاري پڻ ڪمال جي آهي.

خيرالنسان جعفري جي سادي طبعيت ۽ شادي لاءِ جلد بازي ۾ ورتل فيصلي جي نتيجن جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر تنوير لکي ٿي تہ:

”پوءِ ستت ئي ڏکيل باهہ جي بوءِ هر ڪنهن محسوس ڪئي. ڪجهہ گڙٻڙ آهي... هونئن بہ ”هڪ مرد هڪ ذهين ۽ هوشيار عورت کي دوست بڻائي تہ فخر ڪري سگهي ٿو پر زال بڻائي ڪڏهين بہ چين ناهي پائيندو. عورت هميشہ سادي فطرت جي پلي لڳندي آهي. مرد کي جيئڻ لاءِ ذهانت جو هجڻ ضروري ناهي. خاص طرح ذهين مرد کي“. (2)

وڏيڪ لکي ٿي:

”جيئن تہ اهو دؤر ادبي محفلن ۽ مجلسن وارو دؤر هئو. شيخ اياز سنڌيونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿي آيو هئو. ٻئي طرف سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن جون سرگرميون بہ عروج تي هيون. ڪڏهن ڪراچي تہ ڪڏهين پٽ شاهہ. ڪڏهن ميرپور خاص. تہ ڪڏهن حيدرآباد جي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال ۾ پيا ميڙاڪا ۽ گڏجاڻيون ٿينديون هيون ۽ انهن سڀني مختلف مجلسن ۾ اسان وارو ”تہ ستو“ بہ شامل هوندو هئو جيڪو پنهنجي بناوٽ ۽ ذهانت سبب نمايان بہ هوندو“ (3)

چند سٽن ۾ نهايت مختصر نموني ۾ تنوير جوڻيجو ان دؤر جي ادبي سرگرمين بابت بيان ڪيو آهي. جنهن مان اهو پڻ محسوس ٿئي ٿو تہ ان وقت جو ادبي ماحول عورتن لاءِ سازگار هو. انهن جي مجتا بہ هئي ۽ اهي ادبي محفلن ۾ شرڪت پڻ ڪنديون هيون. هڪ لفظ تہ ستو ۾ تنوير جوڻيجو پنهنجي دوستيءَ جي شاعرانہ تشبيهہ نهايت خوبصورتيءَ سان ڪئي آهي. جهڙي طرح ’تي ستي‘ جي هرسٽ مڪمل معنيٰ رکندي آهي ۽ جڏهن ٽئي سٽون گڏ ٿين تہ مطلب ۽ تشريح مڪمل ٿيندي آهي پر الڳ الڳ معنيٰ جي هوندي بہ هر سٽ ڪارائتي نہ هوندي آهي. تنوير جوڻيجو سندس، خيرالنساء جعفري مشهور ليکڪا ليليٰ بانا جو ذڪر ايئن محبت سان ڪيو آهي.

نهايت حساست سان خيرالنساء جعفريءَ جي زندگيءَ جي حساس پهلوئن کي بہ ظاهر ڪيو اٿس ۽ ان جي درد ۽ ڏک کي قلم ذريعي پڙهندڙن تائين پهچايو اٿس. درشهوار لاءِ لکي ٿي ”درشهوار سيد. جيڪا اسان سڀني جي ادي هئي، ايڪهتر، ٻاهتر، ٽيهتر وارو دؤر هئو. انهيءَ دؤر ۾ ادي درشهوار، ”مارئي“ جي شان وڌائڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو“ (04)

’در شهوار سيد‘ جي يادن تي مشتمل سندس مضمون نهايت معلوماتي پڻ آهي. شخصيت جي تعارف گڏوگڏ هنن مضمونن مان سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي حالتن جو پتو پڻ پوي ٿو. ”ادي درشهوار هميشہ عورتن جي عزت ڪئي سنڌي مهاجر جا جهيڙا جڏهن ٿيا ٿيهتر جو دؤر هو. يونيورسٽيءَ ۾ عورتن سان ڪا بداخلاقي ڪانہ ڪئي وئي. ڪيترين اردو اسپيڪنگ ڇوڪرين ادي وٽ اچي لڪيون ۽ ادي تہ ڪين حفاظت سان سندن گهرن ۾ پهچايو.“ (05)

ملڪي سياسي حالتن ڪهڙيون بہ هجن، پر تنوير جوڻيجي جي تحرير اها ظاهر ڪري ٿي تہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڇوڪرين لاءِ ماحول تحفظ وارو هو لساني نفرت کي بنياد بڻائي يا ڪنهن بہ سياسي وابستگيءَ جي ڪري ڇوڪرين کي شاگردياڻين کي تنگ نہ ڪيو ويندو هو ۽ نہ ئي انهن جي تعليمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ ڪا رڪاوٽ وڌي ويندي هئي

ادي درشهوار هميشہ عورت جي تعليم ۽ ترتيب لاءِ ڪوشان رهي ۽ چاهيندي هئي تہ سنڌياڻيون اڳئي وڌن، تعليم جي زيور سان آرستہ ٿين ۽ ان لاءِ هوءَ نياڻين کي تلقين ڪندي هئي تہ Role model ٿين ۽ ڪوبہ اهڙو غلط قدم نہ کڻن جنهن باعث نياڻين جا رستا روڪجن ۽ ٻين جي پڙهائيءَ ۾ رڪاوٽون پون.“ (06)

ان سان گڏ هن ڪتاب ۾ بيگم خديجہ دائود پوٽو مسرت مرزا ۽ عطيہ دائود جا پڻ تفصيلي پروفائيل موجود آهن. هي سڀ اهي عورتون آهن جن ادبي دنيا ۾ نئين ايندڙ ڇوڪرين لاءِ رستا آسان ڪيا. انهن لاءِ اتساهہ پڻ بڻيون.

هن حصي ۾ تنوير جوڻيجو جي اڻ ٿڪ محنت ادب سان چاهہ ظاهر ٿئي ٿو. هن حصي ۾ پنج تحقيقي مضمون تفصيل سان شامل آهن. پهرين ”سنڌي ادب جا پنجاهہ سال“ هن مضمون ۾، ڊاڪٽر تنوير سنڌي عورتن جي ادب ۾ حصي بابت معلومات ڏني وئي آهي. پروفيسر تنوير جوڻيجو جيئن تہ سوشيالاجي سان تعلق رکي ٿي ان ڪري بہ هُن نهايت گهرائيءَ سان سماجي مشاهدو ڪندي، سياسي ۽ سماجي تبديلين ۽ لاهن چاڙهن کي پرکي ان مطابق تجزيو پيش ڪيو آهي. تنوير جوڻيجو کي ڄاڻ آهي تہ قلمڪار عورت جو قلم ۽ ڪاغذ سان رشتو نڀائڻ هن پدرشاهي سماج ۾ سولو نہ آهي، ادب کي ٽن دورن ۾ ورهائيندي، تنوير جوڻيجو سنڌي ليکڪائن جي محنت ۽ تخليق تي روشني وڌي آهي. ۽ لڳ ڀڳ 40 ليکڪائن جو تفصيلي تعارف پيش ڪيو اٿن ۽ ٻين جو سرسري ذڪر پڻ ڪيو اٿس.

خاص طور تي خواتين ليکڪا جو ذڪر ڪندي لکي ٿي تہ:

”هونئن تہ ادب ۾ عورت ۽ مرد جي تفريق رکڻ جائز نہ آهي پر جيئن تہ ادب تحقيقي تخليق آهي ۽ هر اديب پنهنجي حالتن، پنهنجي مشاهدن، پنهنجي احساس، پنهنجن تجربن ۽

پنهنجن پيڙائن جو عڪاس هوندي ئي ادب تخليق ڪندو آهي، انهيءَ ڪري هر طبقي ۽ عمر جو ادب ٻئي کان مختلف ۽ جدا  گانہ سوچ رکندڙ آهي“ (07)

عورتن جي شاعري ۽ ڪهاڻين کان علاوه ادارتي ذميواريون پڻ نڀايون آهن  نوان رسالا ڪڍي عورتن کي لکڻ لاءِ پليٽ فارم مهيا ڪندڙ عورتن جو پڻ ذڪر ڪيل آهي.

سنڌي خواتين جي سجاڳيءَ ۾ نئين  زندگيءَ مئگزين جو ڪردار ۽ سنڌي عورتاڻي ادب تي سياسي ۽ ثقافتي تبديلين جو اثر مضمونن ذريعي پڻ عورتن جي ڪاوشن تي روشني وڌي آهي.

”انهيءَ سلسلي ۾ ماهوار نئين زندگي جنهن جو اجراء 1948 ۾ ٿيو. سنڌي ادبي سنگت جنهن جو قيام 1953ع  عمل ۾ آيو ۽ تماهي مهراڻ جنهن جي شروعات 1955ع ۾ ٿي انهن تنهي ادارن جون ڪوششون ۽ خدمتون وسارڻ جوڳيون ناهن“ (08)

ان دو َ ر ۾ عورتن جو گهٽي تعداد رسالن ۾ لکڻ لڳو ”1957 ۾ ماهوار  مارئي نڪتو جنهن جي ايڊيٽر بيگم زينت عبدالله  چنا هئي. 1965ع ۾ اديون جو بيگم خديجہ دائودپوٽو جي زير نگراني جاري ٿيو انهيءَ عرصي دوران روزانہ عبرت ۾ خواتين جو صفحو محترمہ زيدہ اي شيخ جي زير ادارت پڻ شروع ٿيو. (09)

”سنڌي عورتاڻي ادب تي سياسي ۽ ثقافتي تبديلين جو اثر“ ۾ سماجي تبديلن جي وصف ٻڌائيندي ان جي وضاحت ڪئي آهي، اهو پڻ واضع ڪيو اٿس تہ  عورت ۽ مرد جي مشاهدي ۾ فرق سماجي حالتن جي اثر تحت ٿيندو آهي.  زندگي بدلجي رهي آهي، طرز معاشرت تبديل ٿي رهيو آهي، پراڻن قدرن جي جاءِ نوان قدر نروار ٿيا. انهيءَ سموري تبديليءَ جو وڏو محرڪ سنڌ ۾ ايندڙ سياسي حالتون آهن ۽ انهيءَ تبديليءَ جو اثر سنڌي عورت جي ثقافتي زندگيءَ تي ڪهڙو پيو آهي، ان جو ڪاٿو ڪرڻ لاءِ ادب کي بطور ميزان چونڊيو ويو آهي، ڇا ڪاڻ تہ ادب مشاهداتي عمل آهي ۽ سوچ جو اهڃاڻ آهي. ساڳئي وقت شعور جي ڪيفيتن جو ترجمان بہ آهي.“ (10)

سنڌ ۾ سياسي هلچل جون ذڪر ڪندي، انگريزن جي دؤر ۾ انهن خلاف هلندڙ سياسي تحريڪن جو پڻ ذڪر  ڪيو اٿس. بين الاقوامي ادب جو سنڌ ۾ داخل ٿيڻ ۽ سنڌي ادب تي اثر وجهڻ بابت پڻ ذڪر ڪيو اٿس. ورهاڱي کان پوءِ ٿيندڙ لڏ پلاڻ جي نتيجي ۾ جيڪا ثقافتي تبديلي آئي ۽ ان جو سنڌ جي ادب ۽ ثقافت تي پوندڙ اثر تي پڻ روشني وڌي ويئي آهي.

ان بابت هوءَ لکي ٿي تہ ”انهيءَ لڏ پلاڻ باعث، سنڌ ۾ نيون انتظامي تبديليون  پڻ عمل ۾ اچڻ لڳيون نتيجي ۾ هڪ طرف تہ سنڌين کي نئين ثقافتي يلغار کي منهن ڏيڻو پيو ۽ ٻئي طرف سياسي لحاظ سان بہ سنڌي اقليت ۾ بدلجڻ لڳا، ان کان سواءِ سنڌي هندن جي لڏڻ ڪري سنڌ ۾ هڪڙي مضبوط وچولي طبقي جي ڪمي پيدا ٿي جا اُتان ايندڙن پوري ڪئي

ايندڙن جو وڏو انگ وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ هو. ۽ جيئن تہ پنهنجي ڌرتي، پنهنجا ڪک فنا ڪري، سختيون پوڳي پهچندڙ طبقو هو ان ڪري ايندڙ عورت بہ هتان جي روايتي عورت کان مختلف هئي. آزاد، اورچ ۽ مستقبل لاءِ لائح عمل تيار ڪندڙ دور انديش عورت جنهن ويجهڙائي ۾ زندگيءَ جون سرديون گرميون پوڳيون هيون. نوڪري هن لاءِ عار نہ هئي، ذات پات ۽ برادريءَ جا حصار هن وٽ نہ هئا. هتان جي مڪاني عورت جي ڀيٽ ۾ ايندڙ عورت وٽ نہ صرف تعليمي لياقت هئي پر ذهني شعور بہ هو. جنهن جي نتيجي ۾ هوءَ تعليمي ادارن تي قابض بڻي، ساڳئي وقت اپوا جو بنياد پيو جنهن جو بنيادي مقصد ايندڙن کي آباد ڪرڻ هو. اپوا جون سماجي ثقافتي سرگرميون شهرن کان ٽينديون ننڍن شهرن تائين پهتيون جتي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اردو پڙهائي ويندي هئي نتيجي ۾ اردو ملڪ جي قيمتي زبان سمجهي ويئي ۽ هتان جي مقامي گهرن ۾ بہ اردو جو استعمال مهذب بڻي جي نشانيءَ طور ٽيڻ لڳو ۽ مڪاني عورت، ايندڙ عورت کان سخت متاثر ۽ مرعوب هئي." (11)

تنوير جوڻيجو جي اها ڳالهہ تحقيق طلب آهي، ڇو تہ ايترو ڪٽي مججي تہ ورهاڱي کان پوءِ اردو زبان سنڌيءَ زبان تي اثرانداز ٿي پر اهو چوڻ تہ اردو ڳالهائيندڙ عورت وڏيڪ اورچ، آزاد ۽ دوراندیش هئي اهو صحيح نہ ٿو لڳي ڇو تہ ورهاڱي واري تحريڪ ۾ سنڌ جي عورت متحرڪ هئي. ادبي لحاظ کان پڻ سنڌي عورت پنهنجي جاءِ ٺاهي چڪي هئي. سياست ۾ ڪماري ڄيٺي سپاهہ ملاڻيءَ جو نالو نمايان آهي. جيڪا سنڌ اسيمبليءَ جي پهرين ڊپٽي اسپيڪر پڻ هئي، ڪماري ڄيٺي جو ذڪر سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب ۾ پڻ ڪيو آهي. ۽ انٽرنيٽ تي سندس مڪمل تعارف هن طرح موجود آهي.

"ڪماري ڄيٺي سپاهہ ملاڻي 10 فيبروري 1906 ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ پيدا ٿي. ابتدائي تعليم ڪندن مل گرلز اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪيائين ۽ انڊين گرلز اسڪول ڪراچيءَ مان هاءِ اسڪول جي تعليم ورتائين ديا اُتر ۾ پرنسپل طور نوڪري ڪيائين 1930ع ۾ نوڪري ڇڏي سياست ۾ آئي برطانيہ جي خلاف 'انڊيا ڇو تحريڪ' ۽ سلٽ ستياگره جو حصو بڻي. سپاهہ ملاڻي بہ دفعا جنرل سيٽن تي اليڪٽ ٿي ۽ سنڌي ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ 1937ع ۾ پهرين عورت ڊپٽي اسپيڪر بڻي سنڌ اسيمبلي ۾ (12)

اها ڳالهہ الڳ آهي تہ سنڌي عورت ننڍپڻ ۾ ئي سماجي پابندين جو شڪار ٿئي ٿي پر ان جي باوجود سنڌي عورت پنهنجي صلاحيت جي بنياد تي مزاحمت ڪندي آئي آهي ۽ ادبي ميدان ۾ توڙي سياسي ۽ سماجي ميدان ۾ ۾ پاڻ مڃايو اٿس. سياسيات ۽ سماجيات جي بنياد تي انهن واقعن ۽ ڳالهين تي مزيد تحقيق جي ضرورت آهي. تہ جيئن حقيقي تاريخي سچايون سامهون اچي سگهن.

’سنڌي شاعرائن جي سماجي حالتن جو جائزو‘ مضمون ۾ 53 شاعرائن جي ڪلام جو تعارف پڻ ڪيو ويو آهي. شاعرن جو احوال پڻ شامل آهي آخري تجزئي ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي تہ انهن شاعرائن جا گهڻا مٽ مائٽ والدين ادب سان ۽ تعليمي جي شعبي سان تعلق رکندڙ هئا. انهن عورتن جو تعلق نہ صرف ادب سان آهي پر اهي زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ پنهنجين لياقتن آهر ذميواريون سرانجام ڏيئي رهيون آهن.

## ’سنڌي ناول جو اڀياس‘

هن ڪتاب جي هن حصي ۾ عورت جي حيثيت جو سماجي جائزو پيش ڪيل آهي، ڪتاب جو هي حصو تمام اهم آهي. ڇو تہ هن ۾ عورت سان سهاڙيل سڀني مسئلن جو ذڪر ڪيل آهي. جن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان پوءِ پليءَ پٽ اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سماج جو رويو عورت ڏانهن ڪيتريقدر ظالماڻو ۽ تفريقي آهي، ان جي باوجود عورت جي مزاحمت جاري آهي ۽ ان جي قلمي ۽ علمي جدوجهد جي اهميت جو پڻ اندازو ٿئي ٿو. فڪري حساسيت سان لکيل هيءُ مضمون عورت جي سماج ۾ حيثيت جي حوالي سان نهايت اهم آهن ’زال مار کان مرد ڀر تائين‘ ۾ عورت جي شاديءَ کان پوءِ واري گهريلو زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ تشدد ۽ جبر جي واقعن بابت تفصلي تحقيق پيش ڪيل آهي. تاريخ ۾ عورت بابت نظرين ۽ زميندارين تي بحث ڪيل آهي تہ ڪيئن عورت کي گهر ۽ گهروارن جي خدمت لاءِ پابند بڻايو ويو آهي. ۽ بدلي سندس حصي ۾ صرف صبر ۽ جبر برداشت ڪرڻ لکيو ويو آهي.

## ’پاڪستاني عورت ڪاروباري شعبي ڏانهن وڪ‘

هن تحقيق ۾، عورت جي ملڪي معشت ۾ ڪردار تي روشني وڌل آهي. تاريخي حوالن کان جديد دؤر جي حقيقتن تائين، عورت جي ترقيءَ جي سفر کي تحقيق ڪري ثابتين سان پيش ڪيو ويو آهي.

”هن وقت پاڪستان ۾ عورتن جو هڪڙو وڏو انگ اقتصادي سرگرمين ۾ حصو وٺي رهيو آهي. 1981ع جي مردم شماريءَ موجب پوکن ۾ 67. 6 ملين، جانورن جي افزائش ۾ 78. 2 ملين، غير زرعي سرگرمين ۾ 42. 6 ملين گهر يا گهر کان ٻاهر پيداواري سرگرمين ۾ 91. 1 ملين يعني عورتن جي انهن سرگرمين جو سڌو يا اڻ سڌو تعلق ڪاروباري شعبي سان آهي.“ (13)

ڏٺو وڃي تہ عورت هر شعبي ۾ محنت ڪندي نظر ايندي، گهريلو صنعتن کان وٺي وڏين صنعتن تائين عورت سرگرم آهي پر مجتا جي انگن اکرن ۾ عورت نظر ايندي آهي. تنوير جوڻيجو هن مضمون ۾ حڪومت پاران عورتن کي ڪاروبار جي سهولتن ۽ ڏنل قرضن بابت پڻ ڄاڻ ڏني آهي.

## 'ڪڏڙا سنڌ جي ثقافتي ورثو'

هن مضمون ۾ تنوير جوڻيجو ان جنس بابت قلم کنيو آهي، جنهن بابت نہ ڪڏهن لکيو ويجي ٿو نہ وري ڪڏهن ڳالهايو ويندو آهي انهن سان جنسي تفريقي رويا عام هوندا آهن هن مضمون ذريعي تنوير جوڻيجو تاريخ حقيقتون پڌائيندي، ڪدڙن جي ريتن، رسمن ۽ سماجي ثقافتي طور طريقن بابت معلومات جي ونڊ ڪيل آهي.

## 'لچالت: هڪ سنگين سماجي ڏوهہ'

هن مضمون ۾ تنوير جونيجو هن سنگين ڏوهہ جي باري ۾ سماجي جائزو پيش ڪندي، 'زنا' جون مختلف صورتون بيان ڪيون آهن. نهايت حساسيت سان انهن عورتن جي ذهني ۾ نفسياتي ڪيفيت پڻ بيان ڪئي اٿس. ريب جي حوالي سان ڏنل انگ اکر ظاهر ڪن ٿا نہ هن ڏوهہ جو شڪار ٿيندڙ عورتن جو تعداد تمام گهڻو آهي. اها ڳالهہ بہ اهم آهي تہ جيڪي عورتون گهرن ۾ جتي زياتين جو شڪار ٿين ٿيون انهن جا ڪيس گهٽي تعداد ۾ هوندا آهن پر اهي ڪٿي رپورٽ تہ ٿيندا آهن. هي ڪتاب 2009ع ۾ شايع ٿيو آهي ان ڪانپوءِ اڄ تائين ڪيترين ئي عورتون ان سنگين ڏوهہ جو شڪار ٿينديون آهن ۽ انهن جا ڪيس انصاف جا منتظر رهجي ويندا آهن.

آخري مضمون جيڪو هن ڪتاب جو ٽائيٽل پڻ آهي "عورت سماج ۽ ڏاڍ" ان مضمون ۾ اهم سوال اٿاريل آهن.

سماج عورت جو 'هڪ فرد' هجڻ وارو پهريون بنيادي ۽ آئيني حق اڄ تائين تسليم نہ ڪيو ويو آهي. عورت تي ٿيندڙ جنسي زيادتين جا حملا تشدد، جبر، نا انصافي، تفريقي رويا، بي جا سماجي پابنديون، رسمون رواج سڀ ڏوهہ ان ڳالهہ جو ثبوت آهن نہ عورت کي هڪ انسان ۽ رياست جو 'فرد' تسليم نٿو ڪيو وڃي، عورت جي مزاحمت، حقن لاءِ جدوجهد ان هڪ لفظ جي گرد ڦري رهي آهي. هن مضمون ۾ تنوير جوڻيجو عورتن جي تحريڪن جو ذڪر ڪيو آهي.

اسلامي تحريڪ، نظرياتي تحريڪ، برصغير جي تحريڪ جو تہ ذڪر ڪيو اٿس پر بين الاقوامي ۽ ملڪي سطح تي عورتن جي وڏي فيمينسٽ تحريڪ کي نظر انداز ڪري ڇڏيو اٿس. ان کي مغربي تحريڪ جو نالو ڏنو اٿس، حالانڪ فيمينسٽ تحريڪ جو آغاز پاڪستان ۾ پڻ اڳ ٿي چڪو هو.

صحيح طرح سان ڏنو وڃي ٿو تہ تنوير جوڻيجو جو هي ڪتاب وڏي جاکوڙ ۽ گهري تحيقيق جو نتيجو آهي، جنهن ۾ بنيادي معلومات رکيل آهي، موجوده دؤر ۾ اهڙي تحقيق اٽليپ

آهي ۽ ان کي پڙهي ضرورت محسوس ڪئي وڃي ٿي تہ تحقيق کي اڳتي وڌائجي تہ جيئن موجوده دؤر جي حالتن کي پڻ واڪو ڪري سگهجي.

”ملڪ جي سياسي صورتحال باعث سنڌ ۾ سماجي ثقافتي تبديلي ۽ سنڌي ادب“ هيءَ تحقيق ٽن ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهرين ڀاڱي ۾ سماجي تقافتي تبديليءَ بابت نظرين تي روشني وجهندي پاڪستاني سماج تي ان جي اثرن بابت بيان ڪيو ويو آهي.

”سماجي ثقافتي تبديليءَ سان مراد آهي، اهڙين سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جيڪي ابن ڏاڏن جي سرگرمين کان مختلف هجن معاشي نڪتہ نگاهہ ۾ سماجي ثقافتي تبديليءَ جي وضاحت هن ريت بہ ڪئي ويئي آهي تہ سماجي سلسلن (Solid process) ۽ نمونن Patterns تبديلي يا ڦيرگهير هيءَ هڪ اهڙو اصطلاح آهي جيڪو تبديليءَ جي هر نتيجي کي رڪارڊ ڪري ٿو. سماجي تبديلي رڳو سماجي ترقيءَ جوئي نالو ناهي پر سماجي تبديليءَ سان ترقي بہ ٿي سگهي ٿي تہ تنزلي بہ. سماجي ثقافتي تبديلي ڪارگر هئي نہ ئي ٿي سگهي ٿي دائمي ۽ هڪ طرفي بہ ٿي سگهي ٿي تہ گهڻ طرفي بہ. سماجي ثقافتي تبديليءَ مان هڪ طرف سماج کي فائدا ٿي سگهن ٿا ۽ ٻئي طرف اهو بہ ممڪن آهي تہ ان کان سماج کي نقصان بہ پهچن. سماجي ثقافتي تبديليءَ هڪ طرف تہ پاڻ مرادو فطري انداز ۾ عمل ايندي آهي ۽ ٻئي طرف پلاننگ ۽ رٿابندي سان ڪوشش سان جنم وٺندي آهي. (14)

ڊاڪٽر تنوير جوڻيجي نهايت قابليت ۽ گهرائي سان سماجي ۽ ثقافتي تبديلين جي وضاحت ڪندي تبديلن بابت پنهنجا مشاهدا مختلف نظرين تي روشني وجهندي سماجي ۽ ثقافتي تبدلين جا سبب ۽ اثر پڻ بيان ڪيا آهن.

ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو انقلاب ۽ سماجي ثقافتي تبديلن کي سياسي محلي سان حڪومتي پاليسن سان سلهاڙيل سمجهي ٿي ۽ ان جي وضاحت ڪندي لکي ٿي تہ:

”سياست (Politics) اهو سلسلو يا طريقا عمل (Process) جنهن ذريعي فرد ۽ گروهہ قانوني طاقت جي حاصلات ڪن ۽ انهيءَ طاقت کي ٻين تي استعمال ڪن. رياست (State) اهو بنيادي ادارو آهي، جنهن جي ذريعي سياسي قوت استعمال ڪئي ويندي آهي سياسي گروهہ يا تنظيمون. سياسي طريقہ ڪار (Political Process) کي باضابطہ ۽ مناسب طريقي سان تڪميل ڪرائينديون آهن ۽ انهيءَ عمل جي ضرورت ان ڪري بہ پيش اچي ٿي جو سماج ۾ انساني ضرورتن باعث مفادن جا ٽڪراءُ جنم وٺندا آهن ۽ سماج ۾ سماجي تڪرار جي فضا جنم وٺندي آهي رياست اندر طاقت جي باضابطہ رسمي ۽ قانوني استعمال کي اختيار يا (Authority) ڪوٺيو ويندو آهي رياست ڪنهن بہ سماج لاءِ (Supreme Power) جي حيثيت رکندي آهي جڏهن تہ حڪومت مان مراد فرد يا فردن جو اهو گروهہ جن

وٺ رياست جي طاقت کي استعمال ڪرڻ جو جائز اختيار هجي. رياست مان مراد سياسي ادارو آهي، جڏهن تہ حڪومت طاقت (Power) استعمال ڪندڙ فردن جو گروهہ“ (15)

ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو سماج ۾ ثقافتي تبديلن ۾ سياست جي وياپڪ ڳانڍاپي کي ظاهر ڪندي تمام گهراهي سان رياستي ڍانچي ۾ ان ۾ انساني سوچ جي اثر تي بہ پڻ روشني وڌي آهي. سياسي عمل کان سواءِ تبديلي اچڻ ممڪن نہ هوندي آهي. ۾ اسان کي محسوس ايئن ٿيندو آهي تہ تبديلي انساني سوچ ذريعي اچي ٿي پر صرف سوچ جي ذريعي انقلاب ممڪن نہ آهي جيستائين اهو سماجي سائنس مطابق سماجي گروهہ سياسي عمل ذريعي طاقت حاصل نٿا ڪن ان وقت تائين اهو سماج ۾ لاڳو نٿو ٿي سگهي. ڊاڪٽر تنوير تمام گهڻي باريڪ بينيءَ سان سماجي ڍانچي، رياستي ڍانچي آئين قانون کي سماجي ۾ ثقافتي تبديليءَ سان سلهاڙيندي ان کي ادب تائين ڪڻي آئي آهي.

بين الاقوامي سياسي تبديلين جو پاڪستان جي سماج تي اثر کي بہ هن مضمون ۾ نهايت خوبيءَ سان واضح ڪيو اٿس. چو تہ ملڪي سياسي تبديلين کي سمجهڻ لاءِ اهڙو پڻ ضروري هوندو آهي تہ بين الاقوامي صورتحال ۾ سياسي تبديلين کي نظر ۾ رکجي.

ياڳي ہئي ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال جي باري ۾ وضاحت کان پوءِ برطانوي دور جو پس منظر ہڌائيندي سنڌ جي صورتحال پڻ ہڌائي ويئي آهي. پاڪستان جو نهڻ کان پوءِ سياسي صورتحال ملڪي حالتون مشڪلاتون پڻ تفصيلي طرح بيان آهي. مارشلا دور تي روشني وجهندي ڊاڪٽر تنوير لکي ٿي تہ:

”ايوب خان ملڪ جون واڳون سنڀالڻ قانون ساز ادارا ٽوڙيا آئين رد ڪيو سياسي جماعت ۾ جمهوري تنظيمن تي پابندي مڙهي ۾ سخت سينسرشپ قائم ڪئي“ (16)

اڳيان هلي ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو لکي ٿي تہ:

”ايوب خان ملڪ جي سماجي صورتحال کي تبديلي ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا سياسي اپاءَ ورتا ۾ ملڪ ۾ سماجي تبديلي آڻن لاءِ بنيادي جمهوريتن وارو سرشتو متعارف ڪرايو. هيءَ هڪ اهم سياسي ۾ انتظامي تحرير هو هن نظام جون پاڙون سماج جي هيٺائين سطح سان جڙيل هيون ۾ سياست جو رخ هينيان کان مٿيئن طرح هئو. 23 جنوري 1960ع تائين بنيادي جمهوريت جي اسي هزار ميمبرن جي چونڊ ٿي جن کان ايوب خان ريفريڊم ذريعي پنهنجي باري ۾ لاءِ پڇي تہ ”چا انهن کي منهنجي قيادت تي اعتماد آهي يا نہ.“ خفيہ راءِ شماري، بنيادي جمهوريت وارن ميمبرن (B - D members) کان ورتي وئي، جن صدر ايوب خان جي حق ۾ ووٽ ڏنو. چا ڪاڻ تہ خود سندن بقا بہ انهيءَ نظام ۾ هئي ايوب خان جي اڪثر سياسي ليڊرن جي اخلاقي، ڪردار جي باري ۾ شڪ ۾ شعبن جو اظاهر ڪندو هو تہ اهي لالچي ۾ بي ضمير آهن.

”ان ڪري ملڪ جو دستور اهڙو هجي جنهن سان عوام جي حقن جي حفاظت ٿئي ۽ انهيءَ لاءِ ايوب خان صدارتي نظامِ حڪومت جو اعلان ڪيو“ (17)

ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو تمام تفصيل سان مارشل لاءِ جي دؤر بابت تجزيو لکيو آهي جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي مارشل لاءِ واري دؤر بابت مثبت سوچ محسوس ٿئي ٿي حالانڪ سنڌ جي حقن تي ڌاڙا لڳا ۽ سنڌ جي وسيلن تي قبضا ٿيا ۽ انسانن کي بنيادي حقن کان مرحوم ڪيو ويو جنهن بابت ڪوڙ سياسي حوالا موجود آهن ۽ مارشلا خلاف سنڌ جي مزاحمت پڻ تاريخ جي ريڪارڊ تي موجود آهي. جنهن جو ذڪر هِن تحقيق ۾ نمايان نظر نٿو اچي..

ڏاڍ ۽ جبر سان، طاقت سان ملڪ جي صورتحال کي تبديل ڪري انساني حقن تي راتاها هنيا ويا يقينن ان ظلم جو ذڪر سنڌي ادب ۾ پڻ موجود آهي.

”هن تحقيقي اڀياس ۾ ايوب صدر جي دور جي عڪاسي ڪندڙ ناول ”اوڙاهه“ ۽ ”لڙهندڙ نسل“ کي به اڀياس هيٺ آندو ويو آهي. هونئن ته ون يونٽ جي دؤر ۾ ڪيتروئي ادب سرجيو ويو پر هن تحقيقي اڀياس ۾ ايوب خان جي آمد، بنيادي جمهوريتن واري سرشتي، ريفريڊم، ”اسلام آباد قائدِ اعظم يونيورسٽي“ ”سنڌ طاس منصوبو“ پاڪستان ٽيليويزن، ”هندستان پاڪستان جي 1965 واري جنگ“ ”ٽرانسسٽر وارو انقلاب“ ”پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو ٺهڻ“ ۽ ايوب خان جي حاصلات بابت شاعري شامل آهي“.(18)

ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو جي تحقيق پاڪستان جي سياسي تاريخ بابت تفصيلي معلومات ڏيندڙ آهي.

ٻئي ڀاڱي ۾، ملڪ جي سياسي صورتحال ۽ سماجي ثقافتي تبديلي جو ذڪر ڪيل آهي هن ڀاڱي ۾ پاڪستاني سياست جي مختلف دؤرن کي ڌهن ڌهن سالن ۾ ورهائي، سياسي تبديلين جو گهرائيءَ سان مشاهدو پيش ڪيل آهي. ڀاڱي ٽئي ۾، سياسي صورتحال باعث، ثقافتي تبديلين ۽ ان جي سنڌي ادب تي ٿيندڙ اثرن بابت تفيصلي بحث ٿيل آهي. عورت جي بدلجندڙ حيثيت بابت بحث ڪندي لکي ٿي.

”ان ڪانپوءِ ڀٽو دؤر حڪومت ۾ 1973ع واري آئين ۾ به درج آهي ته جنس جي بنياد تي ڪابه اکيائي يا مت ڀيد وارو رويو دروا نه رکيو ويندو ٻنهي جنسن کي ترقيءَ لاءِ برابريءَ جا موقعا فراهم ڪيا ويندا ان بعد حڪومت جي ڪوشش تي Commission on states of women Of women (NCSW) جو قيام عمل ۾ آيو، حڪومت جي پٺ پرائي ڪانسواءِ غير سرڪاريءَ تنظيمن جي ڪوشش باعث عورتن گهر کان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي، مختلف ادارن ۾ سندس انگ وڌيو آهي. اقتصادي طور تي پاڻ ڀريون ٿيون ڪين فيصله سازيءَ ۾ ڪيس گهٽي ڀاڱي شامل ڪيو وڃي ٿو. پر وري به ڪِن ڪِن علائقن ۾ اڄ به روايتي

قدر ۽ دستور حاوي آهن ۽ عورت کي اقتصادي (Commodity) سمجهيو وڃي ٿو ۽ سندس فيصلن کي رد ڪري، ڪٽنبي توڙي جرڳن جا ٺاڦيل فيصلا ڪيا وڃن ٿا.“ (19)

تنوير جوڻيجو نهايت باريڪ بينيءَ سان سياسي ۽ ثقافتي جائزو پيش ڪيو آهي پر جتي عورتن جي لاءِ سرڪاري طور تي مجتا لاءِ قائم ڪيل ادارن جو ذڪر ڪيل آهي اتي انهن ادرن جي قيام لاءِ جاکوڙ ڪندڙ عورتن جو ذڪر ڪٿل ٿو نظر اچي. يقينن انهن قانونن جي پاس ٿيڻ ۾ ۽ ادارن جي قيام لاءِ بہ ڪجهہ تاريخي عورتن جي مزاحمت ۽ جدوجهد شامل هوندي، جن جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو لڳي.

عورتن خلاف ڏوهن جي باري ۾ اهم واقعن بابت هن ڪتاب ۾ اخبارين جو ڪٽنگ پڻ شامل ڪيل آهن . جيڪي نهايت معلوماتي ۽ تاريخي ريڪارڊ رکندڙ آهن. عورتن تي ٿيندڙ تشدد ۽ ڏوهن بابت انگ اکر پڻ شامل ڪيل آهن. حقيقت اها آهي تہ هڪ طرف شعور ۽ آگهي ۾ اضافو ٿيو آهي تہ ٻئي طرف پدرشاهي سماجي روايتن جي سبب جي ڪري عورتن تي تشدد جي واقعن ۾ پڻ اضافو ٿيو آهي.

”معاشري ۾ عورت هڪ بہ واٽي تي بيٺل آهي، هڪ طرف ڪيس سندس حقن کان آگاهہ ڪيو وڃي ٿو، سندس طبيعت ۾ بغاوت جا ٻج پوکيا وڃن ٿا، ٻئي طرف گهرن ۾ ريڊيو تي وي جو راڄ آهي، ٽيليفون آهي، عورت تعليم پرائي تي اسڪول کان يونيورسٽين جو سفر طئي ڪري ٿي، تعليم جي ڪري عورتن لاءِ روزگار جا موقعا بہ وڌي رهيا آهن، ننڍين نوڪرين هيلٿ وزيٽرس، پوليو ڊراپس پياريندڙن، اين جي اوز جون سوشل موبلائيزر کان وٺي وڏن وڏن عهدن تي عورت ڪم ڪري رهي آهي. عورت گوشت پوست جو انسان آهي، جنهن وٽ جذبا ۽ احساس آهن ۽ مختلف سببن باعث هو ڪنهن جي ويجهو بہ اچي وڃي ٿي، ڪنهن کان متاثر ٿي بہ سگهي ٿي، پر معاشرتي قدر هٺ ٺوڪيا رواج جي اقتصادي طور خوشحال هجڻ واري حيثيت ۽ جرڳا عورت کي Mores پيجڻ جي سزا ڏين ٿا ۽ عورت خلاف ڪات ڪهڙا ڪڍن ٿا ۽ ڪيس پنهنجي ذات جي باري ۾ فيصلو ڪرڻ کان روڪين ٿا هڪ طرف عورت کي ڏنل شعور ۽ آگاهي ۽ ماحول جنهن باعث هوءَ بہ انتهائي قدم کڻي ٿي ۽ ٻئي طرف بہ عورت تي انتهائي قدم آهي . جنهن باعث ڪارو ڪاريءَ جي واقعن ۾ واڌارو آيو آهي.“ (20)

مجموعي طرح سان پروفيسر تنوير جوڻيجو جو تحقيقي ڪم ساراهہ جوڳو آهي، ۽ تحقيق اهائي ڪامياب آهي، جيڪا مزيد تحقيقن جا رستا کولي ۽ سوال اٿاري پروفيسر تنوير جوڻيجو جي تحقيق مان ڪيترائي تحقيقن جا عنوان نڪرن ٿا.

**حوالا:**

تنوير جوڻيجو عورت سماج ۾ ڏاڍ، تحقيقي مضمون - عورتزاد، ويمن ريسرچ ۽ پبليڪيشنس 2009،

(1) صفحو نمبر (08)

(2) صفحو نمبر (17)

(3) صفحو نمبر (03)

(4) صفحو نمبر (25)

(5) صفحو نمبر (28)

(6) صفحو نمبر (29-30)

(7) صفحو نمبر (51)

(8) صفحو نمبر (52)

(9) صفحو نمبر (53)

(10) صفحو نمبر (84)

(11) صفحو نمبر (87)

(12) صفحو نمبر (12) انٽرنيٽ وڪي پيڊيا

(13) صفحو نمبر (208)

تنوير جوڻيجو – پاڪستان جي سياسي صورتحال باعث سنڌ ۾ سماجي ثقافتي تبديليءَ ۽ سنڌي ادب پاڪيزه پرنٽرس 2014ع

(14) صفحو نمبر (38)

(15) صفحو نمبر (57)

(16) صفحو نمبر (139)

(17) صفحو نمبر (140)

(18) صفحو نمبر (153)

(19) صفحو نمبر (532)

(20) صفحو نمبر (534-535)